# ١٢. خطُ



ٻڌو. پڙهو ۽ لِکو.

لعل سائين اَپارٽمينٽ
چيمبور.
ممبئي - ٧٤
تاريخ، ١٥ فيبروري ٢٠١٦

پيارا دوست اَنيش،

تنهنجو خط مليو، پڙهي بيحد خوشي ٿي. توکي واڌايون هجن. تون جنرل ناليج جي اِمتحان ۾ سڄي ممبئيءَ ۾ پهريون نمبر آئين. منهنجي گهر وارا پڻ اِهو ٻُڌي ڏاڍو خوش ٿيا.

ناتال جي موڪلن ۾ اَسانجي شهر ۾ ضلعا سطح تي اِنٽر اِسڪول راندين جي چٽاڀيٽي ٿي. اَسانجي اِسڪول ونجهه وٽي، ڪرڪيٽ ۽ ڊوڙ راند ۾ بهرو ورتو. توکي ٻڌي خوشي ٿيندي تہ مون ڊوڙ راند ۾ بهرو وٺي پهريون اِنعام کٽيو. ضلعي جو ڪليڪٽر اِنعامي جلسي جو مکيہ مهمان هو. اُن هٿان مونکي چانديءَ جو ميڊل انعام مليو.

راندين مان ڪيترائي فائدا آهن. گڏجي ڪم ڪرڻ جي ڀاونا وڌي ٿي. صحت سالم رهي ٿي. مان چاهيان ٿو تہ تون پڙهڻ سان گڏ راندين ۾ پڻ بهرو وٺي پاڻ موڪيندين.

ٻبلي کي منهنجو پيار ۽ ماتا پتا کي نمسڪار ڏج. هن خط جي جواب ۾ دير نہ ڪج.

سڪ مان،
تنهنجو دوست،
ساگر.

**نوان لفظ:**

ونجهہ وٽي - راند جو هڪ قسم     صحت - تندرستي     بيحد - تمام گهڻو     سالم - قائم

## اَڀياس

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو:-**

١) هيءُ خط ڪنهن، ڪنهنکي لکيو آهي؟
٢) اَنيش ڪهڙي امتحان ۾ بهرو ورتو؟
٣) ساگر جي اِسڪول ڪهڙين راندين ۾ ڀاڱ ورتو؟
٤) اِنعامي جلسي جو مکيہ مهمان ڪير هو؟
٥) راندين مان ڪهڙا فائدا آهن؟

**سوال ٢ : هيٺيان لفظ جملن ۾ ڪم آڻيو:-**

چٽاڀيٽي، اِمتحان، ڀاونا، بيحد

سوال ٣ : هيٺ ڏنل جملن ۾ صحيح (✓) ۽ غلط لاءِ (X) نشان ڪريو :-

١) اَنيش چيمبور ممبئيءَ ۾ رهندو آهي.

٢) ساگر جنرل نالیج اِمتحان ۾ پهريون نمبر آيو.

٣) ناتال جي موڪلن ۾ راندين جي چٽاپيٽي ٿي.

٤) ساگر کي سونو ميڊل اِنعام مليو.

**هدايت :** ماستر شاگردن کي روايتي ۽ غير روايتي خط جا قسم سمجهائيندو.
**مشغولي :** سنيتا پنهنجي ساهيڙيءَ کي پنهنجي جنم ڏينهن تي اَچڻ لاءِ نينڊ ڏئي ٿي. اهو خط ٻار گهران لکي ايندا.

## پورڪ اَڀياس

ماستر شاگردن کي سنڌي راندين بابت چاڻ ڏيئي راند ڪرائيندو.



## وندر جو وقت

١) خانن ۾ ڏنل اَکرن مان اَلڳ اَلڳ نالا ڳوليو :
مثال : راجيش، نيها

| | | | |
|---|---|---|---|
| ي | و | آ | ڪ |
| ر | ن | ش | ت |
| هـ | ج | ل | ڪ |

نالا
......................................
......................................
......................................
......................................

٢) خانن ۾ ڏنل اَکرن جو استعمال ڪري هيٺ ڏنل خال پريو :

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪ | ر | ٻـ | هـ |
| م | ل | ڙ | ي |
| گـ | چ | ڊ | و |

١) هڪ گُل
٢) هڪ جيت
٣) هڪ جانور
٤) هاري جو پيو نالو
٥) سنڌين جي وڻندڙ هڪ ڀاڄي
٦) پِٽ تي هلندڙ هڪ ساهوارو

......................................
......................................
......................................
......................................
......................................
......................................

# هولي

ڏِسو. جاچيو ۽ ٻُڌايو.



**هدايت :** (۱) ماستر شاگردن کي چتر ڏيکاري ڏِڻ بابت ڳالهه ٻولهه ڪرائيندو ۽ اُن بابت جاڻ ٻُڌائڻ لاءِ همٿائيندو.

(۲) ڏيکاريل ڏڻ بابت گهر مان پاڻ لِکي اَچڻ لاءِ چوندو.